SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2014
# SINDH ACT NO.IV OF 2014
# سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2014
# THE SINDH SOLID WASTE MANAGEMENT BOARD ACT, 2014
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات
Sections

باب-I
شروعاتي
Chapter-I
Preliminary

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. وصفون
Definitions

باب-II
بورڊ جو قيام
Chapter-II
Establishment of the Board

3. بورڊ جو قيام
Establishment of the Board
4. بورڊ جي جوڙجڪ
Composition of the Board
5. بورڊ جي بيهڪ تبديل ڪرڻ
Changing Composition of the Board

.6     عملدارن تي لاڳو ڪرڻ لائق قائدا
Rules applicable to officials
.7     اعزازات ۽ مراعتون
Honoraria and Privileges
باب-III
بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Chapter-III
Powers and Functions of the Board
.8     بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Board
.9     بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board
باب-IV
بورڊ جي چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Chapter-IV
Powers and Functions of the Chairman of the Board
.10   چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Chairman
باب-V
مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا اختيار ۽ ڪم
Chapter-V
Powers and Functions of the Managing Director
.11   مئنيجنگ ڊائريڪٽر
Managing Director
باب-VI
حڪومت جا اختيار
Chapter-VI
Powers of the Government
.12   حڪومت جا اختيار

Powers of the Government
باب-VII
ماليات
Chapter-VII
Finances
13. سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ فنڊ
Solid Waste Management Fund
باب-VIII
متفرقات
Chapter-VIII
Miscellaneous
14. فيصلا
Decisions
15. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2014
# SINDH ACT NO.IV OF 2014

## سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2014
## THE SINDH SOLID WASTE MANAGEMENT BOARD ACT, 2014

[12 مارچ 2014]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ گند ۽ ٻئي ڪچري جي جمع ڪرڻ ۽ نيڪال لاءِ بورڊ قائم ڪيو ويندو،

جنهن کي سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سڏيو ويندو.
جيئن ته هر قسم جو گند ڪچرو جمع ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ هڪ بورڊ جو قيام ضروري ۽ لازمي ٿي پيو آهي، جنهن کي سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سڏيو ويندو، جنهن ذريعي موثر سينيٽيشن سروسز جو انتظام، آلودگيءَ کان پاڪ ماحول جي فراهمي ۽ لاڳاپيل ٻين معاملن کي منهن ڏنو ويندو.
ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب-I
شروعاتي
Chapter-I
Preliminary

## باب-I
## شروعاتي
## Chapter-I
## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.
(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.
(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.(1) هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:
(i)"بورڊ" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ؛
(ii)"بجيٽ" مطلب مالي سال لاءِ بورڊ جي ڪمائي ۽ خرچ جو بيان؛
(iii)"عمارت" جنهن ۾ شامل آهي ڪو دڪان، گهر، جهوپڙي، آئوٽ هائوس، ڇاپرو، اسٽيبل، انڪلوزر، پٽ، کوهه، ويراندو، پليٽ فارم، پيڙهه، ريمپ، ڏاڪڻ ۽ ڏاڪا؛
(iv) "ڪنٽونمينٽ بورڊ" مطلب ڪنٽونمينٽ ايڪٽ،

1924 (1924 جي ايڪٽ نمبر II) تحت جوڙيل ڪنٽونمينٽ بورڊ؛
(v)"پالتو جانور" مطلب ڳئون، مينهون، ڏاند، ڍڳا، گابا، پاڏا، اٺ، رڍون ۽ ٻڪريون؛
(vi)"چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛
(vii) "شهر" مطلب ايراضي جيڪا هن ايڪٽ تحت شهر قرار ڏني وئي هجي؛
(viii) "ڪنزرونسي" مطلب گند ڪچرو جمع ڪرڻ، خارج ڪرڻ، هٽائڻ ۽ نيڪال ڪرڻ؛
(ix)"ڪارپوريشن" مطلب ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ميونسپل ڪارپوريشن؛
(x)"ڪائونسل" مطلب ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي؛
(xi)"ضلعو" مطلب هڪ روينيو ضلعو جيئن سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ڄاڻايو ويو هجي؛
(xii) "ڊويزن" مطلب هڪ روينيو ڊويزن جيئن سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ڄاڻايو ويو هجي؛
(xiii)"نالي" جنهن ۾ شامل آهي سيور، گهر جي نالي، ڪنهن ٻئي قسم جي نالي، سرنگهه، ڪلورٽ، هڪ چينل ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ڪو ٻيو ذريعو؛
(xiv)"حد دخلي" مطلب ڪنهن ڪائونسل جي انتظام يا ضابطي هيٺ ايندڙ ڪنهن گهٽي، عمارت، زمين، جڳهه يا احاطي ۾ غير قانوني قبضو يا رڪاوٽ؛
(xv)"فيڪٽري" ان کي ساڳي معنيٰ آهي جيڪا فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 (1934 جي ايڪٽ XXV) ۾ ڏنل آهي؛
(xvi)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(xvii)”زمين“ کي ساڳي معنيٰ آهي جيڪا لينڊ اڪويزيشن ايڪٽ، 1894 (1894 جي ايڪٽ I) تحت ڏنل آهي؛

(xviii)”مئنيجنگ ڊائريڪٽر“ مطلب هن ايڪٽ تحت حڪومت طرفان مقرر ڪيل بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(xix)”مارڪيٽ“ مطلب جڳهه جتي ماڻهو گوشت، مڇي، ميون، سبزين يا ٻين اسمن ۽ شين جي وڪرو ۽ خريد لاءِ گڏ ٿين، يا لائيو اسٽاڪ يا جانورن جي خريد ۽ فروخت ۽ جنهن ۾ شامل آهي مرڪز، ڪمرشل آفيس يا جڳهون يا ڪي هنڌ جيڪي قاعدن موجب مارڪيٽ طور ڄاڻايا ويا هجن؛

(xx)”ميمبر“ مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(xxi)”ميونسپلٽي“ مطلب شهري ايراضي جيڪا سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2013 تحت بيان ڪئي وئي هجي؛

(xxii) ”بيان ڪيل“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(xxiii)”صوبو“ مطلب صوبو سنڌ؛

(xxiv) ”عوامي هنڌ“ مطلب ڪا عمارت، احاطو يا جڳهه جتي عوام کي پهچ حاصل هجي؛

(xxv) ”عوامي گهٽي“ مطلب ڪا گهٽي جنهن جو انتظام حڪومت، ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي سنڀالي؛

(xxvi) ”انڪار“ جنهن ۾ شامل آهي گندگي، پڳل سرون، ڪچرو، پڳل شيشو، اوجهڙي، سم، ٻهاريل گند، جانورن جا ڇيڻا، نالين جو گند، خراب رت، سڱ، کُر، هڏا ۽ ناڪاره گوشت ۽ ٻيو گند يا نيڪال ڪيل مادو؛

(xxvii) ”ضابطا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل

ضابطا؛
(xxviii) ”روڊ“ مطلب رستو يا دڳ ۽ جنهن ۾ ڪليل رستو به شامل آهي؛
(xxix)”قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛
(xxx)”گند“ جنهن ۾ شامل آهي گندگي، پڳل سرون، ڪچرو، پڳل شيشو، اوجهڙي، سم، ڀاريل گند، جانورن جا ڇيڻا، نالين جو گند، خراب رت، سڱ، کُر، هڏا ۽ ناڪاره گوشت ۽ ٻيو گند يا نيڪال ڪيل مادو؛
(xxxi)”ڪچرو“ جنهن ۾ شامل آهي اسپتال جو ڪچرو، صنعتي ڪچرو، زرعي ڪچرو ۽ مختلف ذريعن طرفان ڪائونسل جي نيڪال لاءِ مختلف قسمن جو جمع ڪيل، گڏ ڪيل، ميڙيل يا اڇلايل ڪچرو، ۽ سمورن قسمن جو پاڻياٺ وارو نيڪال، آلودگي ۽ زهريليون گيسز؛
(xxxii)”نيڪال“ جنهن ۾ شامل آهي نيڪال، خراب پاڻي، برساتي پاڻي ۽ ٻيو نالين ذريعي نيڪال ڪيل ناڪارو مادو؛
(xxxiii)”سيڪريٽري“ مطلب بورڊ جو سيڪريٽري؛
(xxxiv)”گهٽي“ مطلب شهر، ٽائون يا ڳوٺ ۽ جنهن ۾ شامل هجي ڪليل جڳهه، اتي عوامي رستو؛
(xxxv)”ٽيڪس“ جنهن ۾ شامل آهي ڪا ٽول، ريٽ، سيس، في يا هن ايڪٽ تحت لاڳو ڪرڻ لاءِ ٻي ڪا ادائگي؛
(xxxvi)”ٽائون“ مطلب ڪا شهري ايراضي جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2013 (2013 جي ايڪٽ نمبر XLII) ۾ ڄاڻايل آهي؛
(xxxvii)”شهري ايراضي“ مطلب شهري ايراضي جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013 (2013 جي ايڪٽ نمبر XLII) ۾ ڄاڻايل آهي.

باب-II
بورڊ جو قيام
Chapter-II
Establishment of the Board

بورڊ جو قيام
Establishment of the Board

بورڊ جي جوڙجڪ
Composition of the Board

باب-II
بورڊ جو قيام
Chapter-II
Establishment of the Board

3.(1) هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل هڪ بورڊ هوندو، جنهن کي سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سڏيو ويندو.
(2) بورڊ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي هن ايڪٽ تحت پنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ منتقل ڪرڻ جي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ان تي ان جي نالي سان ڪيس ٿي سگهندو ۽ ڪيس ڪري سگهندو.
4.(1) بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i) سنڌ جو وڏو وزير يا سندس نامزد ڪيل | چيئرمين |
| (ii)مئنيجنگ ڊائريڪٽر | ميمبر |
| (iii)چار ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرس | ميمبر |
| (iv)ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (v)سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ٽائون پلاننگ ۽ رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (vi) سيڪريٽري انڊسٽريز ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل | ايڪس آفيشو |

| | | |
|---|---|---|
| سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي | ميمبر | |
| (vii) صحت کاتي جو سيڪريٽري يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي | ايڪس آفيشو ميمبر | |
| (viii)ماليات کاتي جو سيڪريٽري يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي | ايڪس آفيشو ميمبر | |
| (ix)ڪچي آبادي کاتي جو سيڪريٽري يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي | ايڪس آفيشو ميمبر | بورڊ جي بيهڪ تبديل ڪرڻ Changing Composition of the Board |
| (x)ماحوليات کاتي جو سيڪريٽري يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي | ايڪس آفيشو ميمبر | |
| (xi) ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جو ميئر، ٻين ميونسپل ڪارپوريشنس، ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز جو چيئرمين، ميونسپل ڪميٽيون ۽ ٽائون ڪميٽيون جيڪي به گهربل هجن | ايڪس آفيشو ميمبر | |
| (xii)ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽريز جو صدر يا سندس نمائندو | ايڪس آفيشو ميمبر | |
| (xiii)مليٽري ليندز ۽ ڪنٽونمينٽ ڪراچي جو ڊائريڪٽر يا سندس | ايڪس آفيشو | |

| نمائندو | ميمبر |
|---|---|
| (xiv)ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي ڪراچي جو ايڊمنسٽريٽر يا سندس نمائندو | ايڪس آفيشو ميمبر |

(2)سيڪريٽري بورڊ جو سيڪريٽري هوندو.

5.(1) حڪومت ڪنهن به وقت نوٽيفڪيشن ذريعي بورڊ جي جوڙجڪ تبديل ڪري سگهي ٿي.

(2) بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر حڪومت طرفان نجي سيڪٽر يا حڪومت جي ضابطي هيٺ ڪم ڪندڙ عملدارن منجهان مقرر ڪيا ويندا.

عملدارن تي لاڳو ڪرڻ لائق قائدا
Rules applicable to officials

(3)بورڊ هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن تحت سمورن عملدارن، صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻئي عملي جي ڀرتي ڪندو.

اعزازيو ۽ مراعتون
Honoraria and Privileges

(4) بورڊ جا چار ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرس هوندا جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندا جيڪي انهن کي بورڊ طرفان سونپيا ويندا.

باب-III
بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Chapter-III
Powers and Functions of the Board

(5) بورڊ جو سيڪريٽري هوندو، جيڪو حڪومت طرفان اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها طئي ڪري.

(6) سيڪريٽري اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي بورڊ طرفان کيس سونپيا وڃن.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Board

(7) حڪومت ايترا ڊائريڪٽرز مقرر ڪري سگهي ٿي، جيترا اها ضروري سمجهي.

(8) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ بورڊ جا چار ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرس شروعاتي طور تي ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرر ڪيا ويندا، جيڪو وڌيڪ عرصي لاءِ

وڌائي سگهبو، جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو وڃي.
(9) جيڪڏهن مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جو عهدو ڪنهن به سبب ڪان خالي ٿي وڃي، حڪومت نئون مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪندي.
(10) حڪومت ڪي مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز ڪي هٽائڻ جو اختيار هوندو، جيڪڏهن ان جو دماغي توازن خراب ٿي وڃي، يا بيماري سبب نااهل ٿي وڃي يا بداخلاقي ۾ ملوث ٿي وڃي يا قانون جي ڪنهن عدالت طرفان سزا ڀڏائي وئي هجي.
6. ڪارڪردگي ۽ نظم ضبط جا قاعدا، ڪارڪردگي جا قاعدا، موڪل جا قاعدا ۽ ٻيا سمورا انتظامي ۽ مالياتي قاعدا، ضابطا ۽ حڪومت جا لاڳو ڪيل حڪم بورڊ جي ملازمن تي لاڳو ڪرڻ لائق هوندا.

7. بورڊ جي ملازمن جي ادائگي، الائونسز ۽ اعزازات اهڙيءَ ريت هوندا جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

## باب-**III**
## بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
## Chapter-IV
## Powers and Functions of the Board

8.(1) بورڊ کي ڪائونسلز جي گند ڪچري سان لاڳاپيل معاملن، اثاثن، فنڊز ۽ ذميدارين تي حق حاصل هوندو ۽ سمورين ڪائونسلز جي حدن ۾ هر قسم جي گند ڪچري جا حق ۽ واسطا حاصل هوندا.
(2) بورڊ کي فردن، ادارن، انڊسٽريز، فيڪٽريز، ورڪشاپس، فرنيسز کي ڪچري مان مرڪب سازي ۽ پاور جنريشن لاءِ اجازت ڏيڻ جو اختيار هوندو، گند ڪچري مان ٻيهر استعمال ٿيندڙ الڳ الڳ شين لاءِ، مختلف قسمن جي گند ڪچري جي جمع ڪرڻ، استعمال ڪرڻ، وڪرو ۽ خريد ڪرڻ، ٻيهر استعمال لائق بڻائڻ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ اجازت ڏيڻ جو اختيار هوندو.
پنهنجي ڪمن جي ادائگي دوران بورڊ حڪومت جي ايگزيڪيوٽو اٿارٽي جي ڪمن ۾ مداخلت يا رنڊڪ نه وجهندو.
(3) بورڊ ڪري سگهندو:
(a)حڪومت کي بيان ڪيل قاعدن موجب سيس، ٽيڪس يا ٻيون ڪي چارجز لڳائڻ لاءِ تجويز ڪري سگهي ٿو؛
(b)حڪومت کي بورڊ طرفان لڳائي ويندڙ سولڊ ويسٽ ٽيرف، قيمتن، چارجز يا فيس جو شيڊول تيار ڪري ڏيڻ يا جمع ڪرائڻ؛
(c)سيس، قيمتون، چارج فيس جمع ڪرڻ ۽ اوڳاڙڻ يا قاعدن ۾ بيان ڪيل سولڊ ويسٽ جي جمع ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ ڏنڊ مڙهڻ؛
(d)سرچارج لڳائڻ جيڪا واجب الدا ڪان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي، جيڪڏهن بورڊ طرفان طئي ڪيل وقت دوران سولڊ ويسٽ تي لڳايل قيمتون يا فيس ادا نه ڪئي وئي هجي؛

(e)جاري ڪيل بجيٽ جي اندر مڪمل مالياتي اختيار حاصل هوندا؛
(f)سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي آپريشن سان لاڳاپيل عمارتن، جاين ۽ مشينري کي تعمير ڪرڻ، سڌارڻ ۽ سنڀالڻ؛
(g)آپريشنل، انتظامي، هيومن ريسورس مئنيجمينٽ ۽ ماليات لاءِ قاعدا ۽ ضابطا جوڙڻ ته جيئن وقت بوقت سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو آپريشن هلائي سگهجي؛
(h)سولڊ ويسٽ مئنيجث سان لاڳاپيل موجوده اسڪيمن جو جائزو وٺڻ ۽ نيون اسڪيمون جوڙڻ ۽ انهن تي ڪم ڪرڻ؛
(i)گند ڪچري جي پيدا ٿيڻ جي هنڌن، جمع ٿيڻ، منتقلي، ري سائيڪلنگ، واپار ڪي سنڀالڻ، ضابطو يا جاچ پڙتال ڪرڻ؛
(j)بورڊ جي اڪائونٽس ۽ رڪارڊس کي سنڀالڻ؛
(k)بورڊ ۾ ڪنهن عهدي کي تيارڪرڻ يا شيڊول ريوائيز ڪرڻ ۽ حڪومت کي منظوري لاءِ اماڻڻ؛
(l)بورڊ جي جڳهه تي سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ کي سنڀالڻ لاءِ ٿرڊ پارٽي رکڻ، جنهن کي ساڳي اٿارٽي هوندي جيڪا مئنيجنگ ڊائريڪٽر وٽ هئي، اهڙيون پارٽيز رکڻ لاءِ جيڪي ويسٽ مئنيجمينٽ لاءِ ضروري هجن ۽ ماڻهن لاءِ فائديمند هجن؛
(m)ٿرڊ پارٽي کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مشهور اخبار ذريعي دعوت ڏيڻ؛
(n)گهٽ ۾ گهٽ قيمت ۽ خدمت جي معيار تي ٽينڊر ڪرڻ؛
(o)لاڳاپيل آپريشنل ۽ فنانشل طريقيڪار ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تي عمل ڪرڻ؛

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the

(p)ڪنهن ويسٽ مئنيجمينٽ اداري يا ڪائونسل طرفان سنپاليل خدمت جا انتظام سنڀالڻ ۽ ضابطي ۾ وٺڻ.

(4)بورڊ ڪي ڪمرشل يا بزنس انٽرپرائيز لاءِ مدد ڪري سگهي ٿو، ترقي وٺرائي سگهي ٿو، انتظام ڪري سگهي ٿو، ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ اسڪيمن تي عملدرآمد ڪري سگهي ٿو، جيڪي گند ڪچري جي انتظام لاءِ فائديمند هجن.

(5) بورڊ سڌيءَ ريت تيار ڪري ۽ عملدارآمد ڪري سگهي ٿو يا ٻاهري پروفيشنل مدد سان، سولڊ ويسٽ ايڪسپلائٽيشن پلان، جنهن ۾ ٻين معاملن سان گڏ هيٺيان معاملا شامل هوندا:

(a)اسڪيم يا اسڪيمن جو قسم ۽ جڳهه؛

(b)مڪمل ڪٿيل رقم؛

(c)ماليات جا وسيلا ؛

(d)شروعات جي تاريخ؛

(e)مڪمل ڪرڻ جي تاريخ؛

(f)ڪم ڪرڻ جو طريقو؛

(g)مرمت لاءِ ذميدار ايجنسيون؛

(h)فائدا، مادي ۽ غير مادي گڏ ڪيل؛

(i)ڪو منصوبو جوڙي عمل ۾ آڻڻ جيڪو ماڻهن جي فائدي لاءِ تمام ضروري هجي.

(6) بورڊ گند ڪچرو جمع ڪرڻ، منتقل ڪرڻ، ٻيهر استعمال لائق بڻائڻ، مرڪب سازي ۽ گند ڪچري مان توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ اسڪيمون تيار ڪندو ۽ انهن لاءِ انتظام ڪندو، سولڊ ويسٽ جڳهون پرڻ وغيره جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪندو.

(7)بورڊ زمين يا ٻي ڪا ملڪيت جاري ڪري، وڪرو يا ليز تي ڏئي سگهي ٿو اهڙن اگهن تي

Board

باب-IV
بورڊ جي چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Chapter-IV
Powers and

| | |
|---|---|
| جيڪي حڪومت سان مشاورت بعد طئي ڪيا ويا هجن، ته جيئن ويسٽ مئنيجمينٽ تي عملدرآمد ۾ مدد ڪري سگهجي،. بورڊ ڪمرشل ۽ سوشل فائدن وارو ڪيس اڳهه تجويز ڪرڻ لاءِ جوڙيندو ۽ حڪومت اهڙا اڳهه تيستائين منظور نه ڪندي جيستائين اهي حڪومتي پاليسي سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن. | Functions of the Chairman of the Board<br>چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم<br>Powers and Functions of the Chairman |
| (8) منتقلي جي عرصي دوران، سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو موجوده ڪم ڪائونسل طرفان جاري رکيو ويندو. لوڪل گورنمينٽ ڪاتو ڪائونسلن کان بورڊ ڏانهن ڪمن جي منتقلي لاءِ تاريخ سرڪاري نوٽيفڪيشن ذريعي ڄاڻائيندو. | |
| (9)بورڊ صوبائي حڪومت سان مشاورت بعد سمورين واپاري ڌرين، ايجنسين ۽ پرڏيهي تنظيمن سان ويسٽ مئنيجمينٽ جي پراجيڪٽن تي ڳالهيون ڪندو، نظرداري ڪندو ۽ انهن کي حتمي شڪل ڏيندو. | |
| **9.**بورڊ جي گڏجاڻي: | |
| (1)بورڊ گهٽ ۾ گهٽ هر ٻن مهينن کانپوءِ گڏجاڻي ڪوٺائيندو جنهن جي صدارت چيئرمين يعني لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جو وزير ڪندو، جنهن ۾ ڪم جي پروگريس جي نظرداري ڪئي ويندي ۽ بورڊ طرفان سمورن موجوده ۽ نون ڪنيل قدمن تي اڪثريت جي بنيادن تي فيصلا ڪيا ويندا. | باب-V<br>مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا اختيار ۽ ڪم<br>Chapter-V<br>Powers and Functions of the Managing Director<br>مئنيجنگ ڊائريڪٽر |
| (2)چيئرمين پرڏيهه هجڻ يا گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪرڻ لائق نه هجڻ جي صورت ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو ۽ اهڙيءَ گڏجاڻيءَ جي ڪيل سمورن فيصلن تي چيئرمين کان پوسٽ فيڪٽو منظوري وٺندو. | |
| گڏجاڻيءَجو ڪورم: | |

| | |
|---|---|
| Managing Director | (3)آفيشل ميمبرز جهڙوڪ چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي ۽ گهٽ ۾ گهٽ چار ايڪس آفيشو ميمبرز بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم پورو ڪرڻ لاءِ گهربل هوندا. |

گڏجاڻيءَ جا منٽس:

(4) بورڊ جي هر گڏجاڻيءَ جا منٽس گڏجاڻيءَ جي 48 ڪلاڪن اندر جاري ڪيا ويندا.

ڪميٽيون ۽ ذيلي ڪميٽيون:

(5)بورڊ مختلف ڪمن، انتظاميا، پاڙي تي ونڊ، ٽينڊرنگ، مالياتي ۽ بجيٽري معاملن وغيره لاءِ مختلف ڪميٽيون ۽ ذيلي ڪميٽيون جوڙيندو.

(6)بورڊ ڪائونسلز ۽ صوبي ۾ سولڊ ويسٽ بابت ڪم ڪندڙ ٻين باڊيز کان آهسته آهسته سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو ڪم تحويل ۾ وٺندو.

باب-IV

بورڊ جي چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Chapter-IV

Powers and Functions of the Chairman of the Board

10. (1) چيئرمين هيٺيان اختيار استعمال ڪندو:

(a)جيستائين ڪنهن جوڳي مقصد لاءِ جهليو نه وڃي، بورڊ جي سمورين گڏجاڻين جي صدارت ڪندو؛

(b)بورڊ جي مالياتي، ايگزيڪيوٽو ۽ انتظامي معاملن جي نگراني ڪرڻ ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي چيئرمين طرفان يا هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا هجن؛

(c)ايمرجنسي جي صورت ۾ بورڊ جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ، بورڊ کي ان جي ايندڙ گڏجاڻيءَ دوران اهڙن ڪمن بابت آگاهه ڪرڻ ۽ اهڙيءَ ريت ڪنيل قدم تي بورڊ جي تصديق حاصل ڪرڻ.

(2)جڏهن چيئرمين پاڪستان ۾ غير موجود يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري غير حاضر هجي، پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ پنهنجا ڪم ڪرڻ لائق نه هجي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر حڪومت طرفان نوٽيفڪيشن ذريعي چيئرمين جون ذميداريون ڪنهن ٻئي شخص کي سونپيون وڃن، چيئرمين جا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جا ڪم سرانجام ڏيندو.

**باب-V**

مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا اختيار ۽ ڪم

**Chapter-V**

**Powers and Functions of the Managing Director**

11. (1) مئنيجنگ ڊائريڪٽر حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها طئي ڪري.

(2)مئنيجنگ ڊائريڪٽر بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هوندو.

(3)چيئرمين جي عام ضابطي هيٺ، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪري سگهندو:

(a)حڪومت جي هدايتن ۽ بورڊ طرفان ڪيل فيصلن تي عمل ڪرڻ ۽ مالياتي اختيار اهڙيءَ ريت استعمال ڪرڻ جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

باب-VI
حڪومت جا اختيار
Chapter-VI
Powers of the Government

حڪومت جا اختيار
Powers of the Government

باب-VII
ماليات

Chapter-VII Finances

سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ فنڊ

Solid Waste Management Fund

(b)بورڊ جي منظوري سان سالياني، سپليمينٽري ۽ رِوائيزڊ بجيٽ تيار ڪرڻ ۽ منظوري لاءِ حڪومت کي جمع ڪرائڻ؛

(c)آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان تيار ڪيل آڊٽ رپورٽس حڪومت کي جمع ڪرائڻ ۽ آڊيٽر طرفان ڇاڻايل ڪنهن بي ترتيبي کي هٽائڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ؛

(d)بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ منظور ڪيل ٺهراءَ جو نقل حڪومت کي پيش ڪرڻ يا اهڙي ٻي اٿارٽي کي جيڪا حڪومت طرفان وقت بوقت نامزد ڪئي وڃي؛

(e)ريٽرن، اڪائونٽ جي اسٽيٽمينٽ يا رپورٽ جي نقل فراهم ڪرڻ يا سندس تحويل ۾ ڪنهن دستاويز جي نقل جمع ڪرائڻ، جيڪا بورڊ طرفان جوڙيل ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي طرفان طلب ڪئي وئي هجي؛

(f)سمورن فراڊ، گھوٻين، چوري، يا رقم يا ملڪيت جي نقصان جي سمورن ڪيسن بابت حڪومت، چيئرمين ۽ بورڊ کي رپورٽ ڪرڻ؛

(g)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال رکڻ جيڪي وقت بوقت حڪومت يا بورڊ طرفان کيس سونپيا وڃن.

(4)اهڙين حدن اندر جيڪي بورڊ طرفان مقرر ڪيون ويون هجن، مئنيجنگ ڊائريڪٽر پنهنجا ڪي به اختيار بورڊ جي ڪنهن ميمبر يا ڊائريڪٽرکي منتقل ڪري سگهي ٿو؛

(5)مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي بيماري يا پرڏيهه دوري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري غير حاضري جي صورت ۾، سڀ کان وڌيڪ سينيئر ايگزيڪيوٽو

باب-VIII

ڊائريڪٽر مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي چارج سنڀاليندو، جيستائين حڪومت طرفان ٻئي ڪنهن شخص کي مقرر نه ڪيو وڃي.

متفرقات
Chapter-VIII
Miscellaneous

فيصلا
Decisions

## باب -VI
## حڪومت جا اختيار
## Chapter-VI
## Powers of the Government

12. (1) بورڊ جي ساليانی، سپليمينٽري ۽ روائيزڊ بجيٽ حڪومت طرفان منظور ڪئي ويندي؛

(2) ساليانی بجيٽ حڪومت کي فنانس ڊپارٽمينٽ طرفان اعلانيل بجيٽ شيڊول تحت جمع ڪرائي ويندي؛

(3)حڪومت گند ڪچري جي ٽيرف، قيمتن، چارجز يا فيس جيڪي سولڊ ويسٽ لاءِ لڳايون وينديون انهن جي شيڊول ۾ تبديلي سان يا بنا تبديلي جي بورڊ طرفان جمع ڪرائڻ جي پندرنهن ڪم وارن ڏينهن اندر منظور ڪندي. جيڪڏهن پندرنهن ڪم وارن ڏينهن دوران ڪا منظوري ناهي ڏني وئي، سولڊ ويسٽ ٽيرف، قيمتن، چارجز جو اهڙيءَ ريت تجويز ڪيل شيڊول حڪومت طرفان منظور سمجهيو ويندو.

منسوخي
Repeal

(4)حڪومت بورڊ طرفان سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ لاءِ جمع ڪرايل ڪا به اسڪيم تبديلي سان يا بنا تبديلي جي منظور ڪري سگهي ٿي يا ان کي رد ڪري سگهي ٿي.

(5) بورڊ حڪومت جي منظوري سان بورڊ لاءِ پرڏيهي ناڻي جي قرض سميت ڊگهي يا ننڍي مدي وارا قرض وٺي سگهي ٿو.

(6)حڪومت بورڊ کي مدد يا گرانٽ ڏئي سگهي ٿي.

# باب -VII
# ماليات
# Chapter-VII
# Finances

13. (1) بورڊ لاءِ الڳ فنڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ فنڊ سڏيو ويندو؛

(2)حڪومت فنڊ ۾ اهڙي رقم ڏئي سگهي ٿي، جيڪا حڪومت طئي ڪري.

(3)فنڊ ۾ شامل هوندو:

(a)بورڊ کي واجب الادا سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ چارجز، ريٽس ۽ فيس جي اوڳاڙيل رقم؛

(b)ڪيل گرانٽس ۽ بورڊ کي ڏنل مدد؛

(c)بورڊ لاءِ گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(d)ٻيون سموريون رقمون جيڪي بورڊ طرفان وصول ڪيون ويون هجن.

(4)فنڊ بورڊ طرفان سنڀاليو ۽ هلايو ويندو.

(5)فند ۾ جمع ڪيل رقمون اهڙين بئنڪن ۾ جمع ڪرايون وينديون، جن جي بورڊ طرفان منظوري ڏني وئي هجي.

(6)بورڊ طرفان فنڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ڪنهن ٻي سڪيورٽيءَ ۾ سيڙايو ويندو.

(7) بورڊ جا اڪائونٽس ۽ رڪارڊ اهڙيءَ ريت سنڀاليا ويندا، جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي پر هر وقت انٽرنيشنل جنرل اڪائونٽنگ جي قاعدن تحت سنڀاليا ويندا.

(8)بورڊ جا اڪائونٽس ساليانو مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(9)بورڊ آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو اسٽيٽمينٽ آڊٽ رپورٽ سميت حڪومت کي جمع ڪرائيندو.

## باب -VIII
## متفرقات
## Chapter-VIII
## Miscellaneous

14.(1) بورڊ جا سمورا فيصلا ان جي گڏجاڻين ۾ اڪثريت جي بنياد تي ڪيا ويندا ۽ ووٽن جي برابري جي صورت ۾ چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو.

(2) بورڊ جي گڏجاڻي اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي وقت ۽ هنڌ تي ڪوٺائي ويندي جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. بشرطيڪ جيستائين ضابطا جوڙيا وڃن، گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون ونديون جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

(3)بورڊ جو ڪو به قدم يا ڪارروائي ڪنهن آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب غير موثر نه ٿيندو.

(4) بورڊ عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن تحت جيئن بورڊ مڙهي، پنهنجي اختيارن يا ڪمن مان ڪي به چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ان جي عملدارن يا ملازمن کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

(5)بورڊ جي ملازمن طرفان سٺي نيت سان ڪنيل ڪنهن به قدم تي قانون جي ڪنهن عدالت ۾ سوال نه اٿاريو ويندو.

15. سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ آرڊيننس کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن
جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾
استعمال نٿو ڪري سگهجي.